24 سيپٽمبر 2026ع (بمطابق: 11 ربيع الآخر 1448ھ)
تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مُشکل کُشا غوثِ اعظم

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... تقدير بدلجي وئي
- ✿... اولياءِ ڪرام مددگار آهن
- ✿... آخر ولين ڪان چو گهرون؟
- ✿... يارهين شريف جون برڪتون

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیِّیْن
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّةَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اَربَعِينِ عطّار، قسط: 2، صفحو :2، حديث پاڪ نمبر: 2 آهي:

صَلُّوْا عَلَيَّ وَاجْتَهِدُوْا فِي الدُّعَآءِ، وَقُوْلُوْا: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ

**ترجمو:** مون تي درود پاڪ موڪليو ۽ دعا ۾ خوب ڪوشش ڪريو ۽ چئو:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ.[(1)]

یاد کرکے شہِ دوعالم کو — پڑھئے باچشمِ نم درود و سلام
وہ دعا مستجاب ہوتی ہے — جس میں ہوتا ہے ضَم درود و سلام
مشکلوں کے سبھی اندھیروں میں — ہے ضیاءِ کرم درود و سلام

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ درود پاڪ پڙهڻ ۽ دعا ۾ خوب ڪوشش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، هن مان معلوم ٿئي ٿو ته دعا ۽ درود جو پاڻ ۾ تمام گهرو تعلق آهي. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جو فرمان آهي: دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪيل رهندي آهي، جڏهن درود پاڪ پڙهيو ويندو

1...نسائی، کتاب السہو، نوع الآخر، صفحہ:221، حدیث:1289۔

آھي تہ متي پھچي ويندي آھي.[1]

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: دعا جو مثال ھڪ پکيءَ وانگر آھي ۽ درود ان جو سيني ڪان مضبوط پَرُ آھي، انھيءَ جي ذريعي ئي دعا آسمان جي طرف اڏامندي،[2] الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پھچندي ۽ قبول ٿيندي آھي. تنھنڪري اسان کي گھرجي تہ دعائون بہ ڪثرت سان گھُرون ڇو جو **دعا بذاتِ خود ھڪ عبادت آھي بلڪ عبادت جو مغز آھي.**[3] ۽ ھر دعا جي شروع ۽ آخر ۾ درود پاڪ بہ لازمي پڙھندا ڪريو جو ھي بھترين وظيفو آھي، ھن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دعائون قبول ٿينديون.

گر آرزوئے قبولِ دعا ہو اے لوگو! | بروزِ جمعہ پڑھو تم درود ہر اوقات
دعا کے ساتھ نہ ہووے اگر درود شریف | نہ ہووے حشر تلک بھی بر آورِ حاجات
قبولیت ہے دعا کو درود کے باعث | یہ ہے درود کہ ثابت کرامت و برکات [4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آھي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آھي.[5]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آھي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پھريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويھندس ۞ خوب توجھ

---

1... ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جاء فی فضل الصلاة على النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:145، حديث:486۔
2...فضائلِ دعا، صفحہ:69 مفصلًا۔
3...ترمذی، کتاب الدعوات، صفحہ:777، حديث:3371 خلاصۃً۔
4...کافی کی نعت، صفحہ:41۔
5 ...بخاری، کتَاب بَدء الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

سان بيان ڪندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تقدير بدلجي وئي.....!!

هڪ بزرگ هئا: شيخ طاهر بندگي لاهوري رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ. حضور مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا 2 شهزادا انهن وٽِ پڙهندا هئا. هڪ ڀيري ائين ٿيو جو حضور مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ عالمِ ڪشف ۾ (لَوحِ مَحفوظ تي نظر وڌي ۽) ڏٺائون ته شيخ طاهر بندگي لاهوري شقي آهن (يعني انهن جو خاتمو سٺو نه ٿيندو). حضرت مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ اها ڳالهه پنهنجي پٽن کي ٻڌائي ڇڏي. هاڻي جڏهن ٻئي شهزادا استاد صاحب جي خدمت ۾ پهتا ته سندن چهري تي پريشاني هئي. استاد صاحب پڇيو: پٽ! ڇا ڳالهه آهي؟ شهزادن سچي ڳالهه ٻڌائي ته بابا سائين کي ڪشف ٿيو آهي، انهن ٻڌايو آهي ته توهان جو انجام سٺو نه ٿيندو. هاڻي هي شيخ طاهر بندگي لاهوري رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جيڪڏهن ڪنهن غرور ۾ وڏائي ۾ رهڻ وارا شخص هجن ها ته اُلٽو فتوائون لڳائڻ ۾ دير نه ڪن ها، مَعَاذَاللّٰہ! مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي برو ڀلو چوڻ لڳن ها پر هي ولين جا عاشق هئا، ولينَ سان عقيدت رکڻ وارا هئا. کين معلوم هو ته مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سچا ولي آهن، تنهنڪري شهزادن کي ئي چيائون ته پنهنجيَ والد صاحب کي چئو ته منهنجي حق ۾ دعا فرمائن، جنهن ربِ ڪائنات انهن تي منهنجي تقدير ظاهر ڪئي آهي، انهن جي دعا سان هُو منهنجي تقدير بدلائڻ تي به قدرت رکي ٿو. هاڻي شهزادا گهر پهتا، والد صاحب جي خدمت ۾ عرض پيش ڪيائون، حضور مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ دعا لاءِ هٿ کنيا، پوري توجهه سان دعا فرمايائون پر تقديرَ اٽل هئي، اها نه بدلي. حضرت مُجَدّدَ اَلَف ثاني رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ان

وقت مون کي اوچتو ياد آيو تہ غوث پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ فرمايو آهي: منهنجي دعا سان قضاءِ مُبرَم (يعني جيڪا نہ تقديرِ مُعَلّق آهي ۽ نہ تقديرِ مبرم بلڪ مبرم تقدير سان مشابهت رکندڙ تقدير) بہ بدلجي ويندي آهي. تنهنڪري مون دعا ڪئي: اي الله پاڪ! مان تنهنجي بارگاهہ ۾ غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ جو وسيلو پيش ڪريان ٿو، شيخ طاهر لاهوري جي بدبختيءَ کي سعادت ۽ خوش بختيءَ ۾ تبديل فرماءِ. فرمائن ٿا: هِن وسيلي جي برڪت سان الله پاڪ منهنجي دعا قبول فرمائي ۽ شيخ طاهر لاهوري جي بدبختيءَ کي خوش بختيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. (1)

اسیروں کے مشکل کشا غوث اعظم
فقیروں کے حاجت رَوا غوث اعظم

مریدوں کو خطرہ نہیں بحرِ غم سے
کہ بیڑے کے ہیں ناخدا (رکھوالے) غوث اعظم

قسم ہے کہ مشکل کو مشکل نہ پایا
کہا ہم نے جس وقت یا غوث اعظم (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وَلِيُن سان گڏ رهڻ جو قرآني حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰہ! وَلِين جي صحبت ۾ رهڻ، انهن سان نسبت قائم ڪرڻ ۽ دلي طور تي انهن سان جڙيل رهڻ جون تمام گهڻيون برڪتون آهن. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ ٿي وڃو

(سيپارو: 11، سورة توبة: 119)

هتي الله پاڪ 2 حڪم ڏنا آهن: (۱): اي ايمان وارؤ! تقويٰ اختيار ڪريو!

1...جمالِ غوثيہ،صفحہ:30و31۔
2...ذوقِ نعت، صفحہ:180و182 ملتقطًا۔

**(2):** پوءِ فرمايو: سچن سان گڏ تي وڃو....!!

هتي هڪ سوال ذهن ۾ پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن ايمان به حاصل ٿي ويو، تقويٰ به حاصل ڪري ورتي ته ان کان پوءِ سچن سان گڏ رهڻ جو حڪم ڇو ڏنو پيو وڃي؟ ماڻهو ايمان وارو به آهي، نيڪ پرهيزگار ۽ تقويٰ وارو به آهي، اجان به سچن جي ساٿ جي ضرورت ڇو آهي؟

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه ان جو تمام خوبصورت جواب ڏنو آهي. مان توهان کي هڪ مثال ذريعي سمجهايان ٿو. اسان وٽ عام طور تي ڏنو ويو آهي ته اسان کي سفر ڪرڻو هجي، رات جو وقت هجي، رستو ويران هجي ته گذرڻ وقت ڊپ لڳندو آهي، خوف ٿيندو آهي ته ڪٿي ڪو ڌاڙيل نه اچي وڃي، رستي ۾ ڪو لُٽي نه وڃي. اهڙي حالت ۾ اسان وٽِ جيڪي موٽر سائيڪل وارا هوندا آهن اُهي ڇا ڪندا آهن؟ جو ٿورو بيهي انتظار ڪندا آهن، ڪا ٽرڪ يا ڪو ٽرالو وغيره يا ڪا وڏي گاڏي ايندي آهي ته ان جي پٺيان پٺيان هلڻ شروع ڪندا آهن، ائين ڪرڻ سان ڪين تسلي ٿيندي آهي، خوف ناهي رهندو.

مفتي صاحب رَحمةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: (يعني هتي به اهڙو ئي معاملو آهي) ۞ ايمان به قبول ڪري ورتوسين ۞ نيڪ عمل به ڪندا آهيون ۞ نمازون به پڙهندا آهيون ۞ روزا به رکندا آهيون ۞ زڪوات به ڏيندا آهيون ۞ حج به ڪري چڪا آهيون ۞ تلاوت به ڪندا آهيون ۽ ۞ ٻيا به نيڪ عمل ڪندا رهندا آهيون، پر ياد رکو! رستو ڏاڍو خطرناڪ آهي، هن رستي ۾ شيطان به آهي، جنهن جي دعويٰ آهي ته ۞ مان اڳيان، پويان، ساڄي ۽ کاٻي طرف کان حملو ڪندس ۞ ايمان به ڪسِيندس ۞ اعمال به برباد ڪندس ۞ هن رستي تي نفسِ اماره جو به خطرو آهي ۽ ٻيا به ڪيترائي خطرا موجود آهن، تنهنڪري

الله پاڪ فرمايو:

وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ سچن سان گڏ ٿي وڃو .(سيپارو: 11، سورة توبة: 119)

يعني اي منهنجي محبوب جا غلامو! سچن سان گڏ ٿي وڃو! توهان جو ايمان ۽ توهان جا اعمال خيريت سان پنهنجي منزل تي پهچي ويندا. (1)

دِل پہ کُندہ ہو ترا نام کہ وہ دُزدِ رجیم
اُلٹے ہی پاؤں پھرے دیکھ کے طُغرا تیرا (2)

**وضاحت:** اي پيارا غوث پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه! اي ڪاش! توهان جو مبارڪ نالو منهنجي دل تي لکيل هجي ته جيئن شيطان لعِين، جيڪو ربِ ڪريم جي بارگاهه مان ڌڪاريل آهي، توهان جي شاهي مُهر ڏسي يڪدم واپس هليو وڃي، توهان جي صدقي مان شيطان جي شر کان محفوظ رهندس.

## ايمان جي سڀ کان مضبوط رَسِّي

صحابيءِ رسول حضرت براءَ بن عازب رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا: اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: اَیُّ عُرَی الْاِسْلَامِ اَوْثَقُ يعني اسلام جي سڀ کان مضبوط رَسي ڪهڙي آهي؟ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم عرض ڪيو: ۞ نماز. فرمايائون: نماز تمام سٺي آهي پر منهنجي سوال جو جواب اِهو نه آهي ۞ پوءِ عرض ڪيو ويو: زڪوات ڏيڻ. فرمايائون: هي عمل به تمام سٺو آهي پر منهنجي سوال جو جواب اِهو نه آهي ۞ پوءِ عرض ڪيو ويو: رمضان ڪريم جا روزا. فرمايائون: روزا به بهترين عبادت آهن پر منهنجي سوال جو جواب اِهو به نه آهي ۞ پوءِ عرض ڪيو ويو: حج.

---

1...تفسير نعيمی، پاره:11، سورۂ توبہ، زيرِ آيت:119، جلد:11، صفحہ:115مفصلاً۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:31۔

فرمايائون: ھي بہ تمام سنو عمل آھي پر منھنجي سوال جو جواب اِھو نہ آھي ۞ صحابہ کرام رَضِیَ اللہُ عنھم عرض ڪيو: اللہ جي راھ ۾ جنگ ڪرڻ. فرمايائون: اِھا بہ بھترين عبادت آھي پر منھنجي سوال جو جواب ڪجھ ٻيو آھي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ ئي جواب ڏيندي ارشاد فرمايو: بيشڪ **ايمان جي سڀ کان مضبوط رَسي ھيءَ آھي تہ توھان اللہ پاڪ جي رضا لاءِ (سندس ٻانھن مثال طور اولياءِ ڪرام سان) محبت ڪريو!** (1)

معلوم ٿيو تہ ۞ اللہ پاڪ جي محبوب ٻانھن سان محبت ۞ صحابہءِ ڪرام سان محبت ۞ اھلِ بيتِ پاڪ سان محبت ۞ اولياءِ ڪرام سان محبت ۞ غوث ۽ خواجہ، داتا ۽ رضا رَحمۃُ اللہِ عَلَیۡھِم سان محبت ايمان جي سڀ کان مضبوط رَسي آھي. جيسيتائين ھيءَ رَسي اسان جي ھٿن ۾ رھندي، اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم! ايمان جي حفاظت جو سامان ٿيندو رھندو.

اميرِ اھلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ بارگاھِ غوثيت ۾ عرض ڪن ٿا:

راستہ پُر خار، منزل دُور، بَن سُنسان ہے
المدد! اے رہنما! یا غوثِ اعظم دست گیر!

اب سرہانے آؤ! مرشد اور مجھے کلمہ پڑھاؤ
دم لبوں پر آگیا یا غوثِ اعظم دست گیر!(2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اولياءِ ڪِرام مددگار آھن

اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿۵۵﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: توھان جا دوست صرف اللہ ۽ ان جو رسول ۽ ايمان وارا آھن جيڪي نماز قائم ڪندا آھن ۽ زڪوات ڏيندا آھن ۽ اللہ جي بارگاھ ۾ جھڪيل آھن. (سيپارو: 6، سورة مائدة: 55)

---

1...مسنداماِم احمد، مسند الکوفيين، حديث براء بن عازب، جلد:7، صفحہ:532، حديث:19027۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:548- 549 ملتقطًا۔

هتي **3** هستين جو ذڪر آهي: **(1):** الله پاڪ **(2):** الله پاڪ جا پيارا رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم **(3):** نماز قائم ڪرڻ وارا، زڪوات ڏيڻ وارا، رڪوع ڪرڻ وارا، نيڪ سيرت، ڪامل مسلمان. يعني الله پاڪ به توهان جو مددگار آهي، رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم به توهان جا مددگار آهن ۽ الله پاڪ جي عطا سان، ان جي توفيق سان، سندس ڏنل طاقت (***Power***) سان نيڪ سيرت ڪامل مسلمان به توهان جا مددگار آهن ۽ رڳو اِهي ئي مددگار (***Helpful***) آهن، انهن کان سواءِ ڪنهن غير مسلم، الله پاڪ جي نافرمان (***Disobedient***) کي پنهنجو دوست (***Friend***) پيارو ۽ مددگار هرگز نه بڻايو!

معلوم ٿيو: ته صِرف الله پاڪ کي مددگار مڃڻ، ان کان سواءِ هر مدد (***Help***) کي شرڪ ۽ بدعت قرار ڏيڻ، بلڪل **100٪** غلط (***Wrong***) آهي. الله پاڪ اسان کي صاف صاف فرمائي رهيو آهي ته الله پاڪ به توهان جو مددگار آهي، رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم به توهان جا مددگار آهن ۽ سيئي متقي مسلمان به توهان جا مددگار آهن. تنهنڪري جيڪو شخص شيطاني وسوسن ۾ اچي الله پاڪ جي مقبول ٻانهن جي مدد جو انڪار ڪرڻ وارو آهي، اهو هن آيتِ ڪريمه جو انڪاري آهي. الله پاڪ اسان کي سلامتي (***Safety***) نصيب فرمائي. اَلحمدُ لِلّٰه! اسان غلامانِ رسول آهيون، غلامانِ اولياء آهيون، اسان الله پاڪ کان به مدد گهرندا آهيون ۽ جيئن ته رب ڪريم پنهنجن محبوب ٻانهن کي به اسان جو مددگار بڻايو آهي، تنهنڪري قرآني تعليمات تي عمل ڪندي اسان سندس محبوب ٻانهن کان به مدد گهرندا آهيون. هِن مدد گهرڻ جون ڪهڙيون برڪتون آهن؟ الله پاڪ کي، رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم کي، الله پاڪ جي محبوب ٻانهن کي پنهنجو مددگار مڃڻ جون برڪتون ڪهڙيون آهن؟ اهو به قرآن

ڪريم مان ئي ٻڌو! وڏي ايمان افروز ڳالھ آهي، ان ڪان پوءِ اچڻ واري آيت ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَنۡ یَّتَوَلَّ اللّٰہَ وَرَسُوۡلَہٗ وَالَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا فَاِنَّ حِزۡبَ اللّٰہِ ھُمُ الۡغٰلِبُوۡنَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن کي پنهنجو دوست بڻائي تہ بيشڪ الله جو ئي ٽولو غالب آهي. (سيپارو: 6، سورة مائدة: 56)

يعني جيڪو الله پاڪ سان محبت ڪندو آهي، رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت ڪندو آهي، نيڪ سيرت متقي مسلمانن سان محبت ڪندو آهي، الله پاڪ کي بہ پنهنجو مددگار مڃيندو آهي، رسولِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي بہ پنهنجو مددگار مڃيندو آهي، الله پاڪ جي محبوب ٻانهن کي بہ پنهنجو مددگار تسليم ڪندو آهي، اهڙا خوش نصيب ۽ خوش عقيده ماڻهو الله پاڪ جو ٽولو آهن ۽ الله پاڪ جو ٽولو ڪڏهن بہ مغلوب نہ ٿيندو آهي، هميشہ غالب ئي رهندو آهي.

دشمن اگرچہ گھات میں ہے کوئی غم نہیں — ان کی مدد رہے تو بگاڑ اپنا کیا سکے
عطّارؔ تیرے حامی و ناصر ہیں مصطفٰے — کس کی مجال ہے کہ جو تجھ کو دبا سکے (1)

## جُتِي مبارڪ ڌاڙيلن جو ڪم پُورو ڪري ڇڏيو

شيخ ابو عَمرو ۽ شيخ عبدُ الحق حَرِيمي رَحمةُاللهِعليهما فرمائن ٿا: **555** هجري جي ڳالھ آهي، **3** صفر شريف آچر (***Sunday***) جي ڏينهن اسان حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحمةُاللهِعَلَيْه جي مدرسي ۾ حاضر هئاسين، ان وقت حضور غوثِ اعظم رَحمةُاللهِعَلَيْه ڪاٺ جون چپلون پاتيون ۽ وضو فرمايائون، وضو ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ **2** رڪعتون نفل ادا فرمايائون، نماز ڪان فارغ ٿي پاڻ بلند آواز

1...وسائلِ بخشش، صفحه:412 ملتقطًا.

سان پڪاري ڪجهه چيائون ۽ هڪ چپل هوا ۾ اڇلائي ڇڏيائون، پوءِ اهڙي طرح ٻي بہ اڇلايائون، ٻئي ڪاٺ جون چپلون اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويون. پاڻ ٻيهر پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيا. اسان مان ڪنهن کي بہ واقعي (***Incident***) بابت معلوم ڪرڻ جي جرئت نہ ٿي.

**23** ڏينهن گذرڻ کان پوءِ غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه جي مدرسي ۾ هڪ قافلو آيو. قافلي وارن چيو: اسان کي غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه جي خدمت ۾ نذرانو پيش ڪرڻو آهي، تنهنڪري اسان غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه کان اجازت (***Permission***) طلب ڪئي. فرمايائون: قافلي وارن کي اندر اچڻ ڏيو ۽ جيڪو ڪجهه اهي ڏين، ڪائڻ ونو! اسان قافلي وارن کي اندر اچڻ ڏنو. هنن تمام گهڻو سامان پيرانِ پير حضور غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه جي بارگاهہ ۾ نذراني طور پيش ڪيو. ان سامان ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه جون ڪاٺ جون چپلون بہ هيون. اِهو ڏسي اسان کي حيرت ٿي. اسان قافلي وارن کان پڇيو: هِي توهان کي ڪٿان مليون؟ انهن چيو: **3** صفر شريف جي ڳالهہ آهي، اسان تي ڌاڙيلن حملو (***Attack***)ڪيو، اسان جا ڪيترائي ماڻهو قتل ڪري ڇڏيائون ۽ سامان بہ لُٽي ورتائون. ڌاڙيل اسان جو مال هڪ طرف ڪٺي وڃي پاڻ ۾ ورهائي رهيا هئا، ان وقت اسان نيت ڪئي تہ غوثِ پاڪ شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحمةُاللهِعَلَيه اسان جي مدد (***Help***) فرمائن ۽ اسان هن مصيبت کان بچي وڃون تہ غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيه جي خدمت ۾ نذرانو پيش ڪنداسين.

اسان اڃان پاڻ ۾ اِها ڳالهہ ڪري ئي رهيا هئاسين تہ جنگل ۾ **2** بلند آواز ٻڌڻ ۾ آيا، جن سان سڄو خاموش جنگل گونجي اٿيو، ڌاڙيل بہ ڊڄي ويا. پوءِ ڪجهه ئي گهڙين کان پوءِ هڪ ڌاڙيل ڊنل ۽ گهٻرايل اسان وٽ آيو ۽ چيائين: اچو!

توهان پنهنجو مال ڪٺي وجو! ۽ ڏسو تہ اسان جو ڇا حال ٿيو آهي؟ اسان جلدي جلدي ڌاڙيلن وٽ پهتاسين، ڏٺوسين تہ انهن جا ٻئي سردار مُئا پيا آهن ۽ انهن جي پرسان غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ جون هِي مبارڪ ڪاٺ جون چپلون رکيل آهن. بس اسان انهن کي ڪنيو، پنهنجو مال بہ کنيو ۽ غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ حاضر ٿي وياسين. (1)

اَسیروں کے مُشکِل کُشا غوثِ اعظم! فقیروں کے حاجَت رَوا غوثِ اعظم!
گِھرا ہے بلاؤں میں بندہ تمہارا مدد کے لیے آؤ یا غوثِ اعظم!
ترے ہاتھ میں ہاتھ میں نے دیا ہے ترے ہاتھ ہے لاج یا غوثِ اعظم! (2)

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! جيڪو شخص الله پاڪ کي مددگار مڃي، رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجو حامي ۽ ناصر تسليم ڪري ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کي مددگار مڃي، اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! اهو هر ميدان ۾ ڪامياب ۽ ڪامران (*Successful*) رهندو آهي، الله پاڪ ۽ ان جي عطا سان سندس رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ۽ اولياءِ ڪرام، ان جي مدد فرمائيندا آهن ۽ ڪيس هر مشڪل کان نجات ڏياريندا آهن

کہا جس نے یا غوثِ اَغِثْنِی تو دَم میں ہر آئی مصیبت ٹلی غوثِ اعظم! (3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وِصال کان پوءِ مدد جو گهُرڻ؟

ڪجهہ ماڻهن جي دل ۾ وسوسو پيدا ٿيندو آهي تہ جيڪي اولياءِ ڪرام رَحمۃُاللہِ علیھم

1...بَہْجَۃُ الْاَسْرَار، ذکر فصل من کلامہ مرصعا بشئی من ...الخ، صفحہ:132 خلاصۃً۔
2...ذوقِ نعت، صفحہ:180۔
3...سامانِ بخشش، صفحہ:119۔

۽ نيڪ ماڻهو زنده آهن، انهن کان ته مدد گهري سگهجي ٿي پر جيڪي وفات ڪري ويا آهن، آخر انهن کان مدد ڪيئن گهري سگهجي ٿي؟ هن وسوسي جو سادو سُودو جواب هي آهي ته بيشڪ اولياءِ ڪرام رَحمۃُاللہِعلیھم دنيا مان پردو فرمائيندا آهن، انهن جا روح قبض ڪيا ويندا آهن، انهن تي موت طاري ٿيندو آهي، پر الله پاڪ جي عطا سان، سندس فضل ۽ ڪرم سان اولياءِ ڪرام رَحمۃُ اللہِ علیھم پنهنجين مزارن ۾ زنده هوندا آهن. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ یُّقْتَلُ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌؕ بَلْ اَحْیَآءٌ وَّ لٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ(۱۵۴)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪي الله جي راهه ۾ ماريا وڃن انهن کي مئل نه چئو بلڪ اهي زنده آهن پر توهان کي انهن جو شعور ناهي. (سيپارو: 2، سورة بقرة: 154)

هن آيتِ ڪريمه ۾ صاف صاف فرمايو ويو آهي ته جيڪي الله پاڪ جي راهه ۾ شهيد ٿي وڃن، انهن کي مئل نه چئو، اهي زنده آهن، توهان کي انهن جي زندگي (*Life*) جو شعور نه آهي. هيءَ آيتِ ڪريمه واضح طور تي شهيد جي زندگي ثابت ڪري رهي آهي، هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته شهيد ڪير آهي؟ ڇا اهو جيڪو غير مسلمن سان جنگ ڪندي شهيد ٿي وڃي؟ نه...!! صرف اُهو ئي نه آهي بلڪ ٻيا به ڪيترائي شهيد آهن. مسندِ امام احمد بن حنبل ۾ حديث پاڪ آهي، تاجدارِ ڪائنات، مڪي مدني سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم فرمايو: اِنَّ اَكْثَرَ شُهَدَاءِ اُمَّتِى لَاَصْحَابُ الْفُرُشِ يعني منهنجي امت جا اڪثر شهيد اُهي آهن، جن کي بستري تي موت ايندو آهي، وَ رُبَّ قَتِيْلٍ بَيْنَ الصَّفَّيْنِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِنِيَّتِهٖ يعني نه ته ڪيترائي جنگ جي دوران مرڻ وارا اهڙا آهن جن جي نيت صرف الله پاڪ ئي بهتر (*Better*) ڄاڻي ٿو. (1)

1...مسندامام احمد، مسند المكثرين، مسند عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عنہ، جلد:2، صفحه:530، حديث:3845۔

معلوم ٿيو تہ شهيد صرف اُهو ناهي جيڪو جنگ ۾ شهادت ماڻي بلڪ امت جا اڪثر شهيد اُهي آهن جن کي فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ (يعني نيڪيون ڪندي، الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ۾) بستري تي موت ايندو آهي. توهان پاڻ غور فرمايو حديث پاڪ ۾ پنهنجي نفس سان جهاد ڪرڻ (يعني نفس کي سڌارڻ) کي جهادِ اڪبر قرار ڏنو ويو آهي.[1] تہ پوءِ جيڪو جهادِ اصغر ڪري يعني غير مسلمن سان جنگ ڪري، شهيد ٿي وڃي اهو تہ زنده آهي، رب فرمائي ٿو: ان کي هرگز مئل نہ چئو! تہ پوءِ جيڪي جهادِ اڪبر ڪرڻ وارا آهن، اهي زنده ڇو نہ هوندا...؟

يقيناً اولياءِ ڪرام رَحمةُ اللّٰهِ عليهم پنهنجين مزارن ۾ زنده آهن ۽ الله پاڪ جي عطا سان، ان جي توفيق سان، ان جي فضل ۽ ڪرم سان اسان غلامن جي مدد بہ فرمائيند آهي. ڊاڪٽر اقبال چوي ٿو:

موت کو سمجھے ہیں غافل اختتامِ زندگی

ہے یہ شامِ زندگی، صبحِ دوامِ زندگی[2]

**وضاحت:** يعني اُهي غافل (*Heedless*) ماڻهو آهن جيڪي موت کي زندگيءَ جو اختتام (*End*) سمجهندا آهن. موت اصل ۾ هن دنياوي ظاهري زندگيءَ جي شام آهي پر هميشہ رهڻ واري زندگيءَ لاءِ هڪ نئون صبح هوندو آهي، يعني موت کان پوءِ هڪ اهڙي زندگيءَ جي شروعات ٿيندي آهي، جنهن کان پوءِ ڪڏهن بہ موت نہ ايندو.

## يا شيخ عبدالقادر جيلاني! شَيْئًا لِلّٰه!

ميان شير محمد شرقپوري رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڪامل ولي ٿي گذريا آهن. هڪ ڏينهن

1...الزہد الکبیر، فصل فی ترک الدنیا...الخ، صفحہ:165، رقم:373۔
2...مطالب کلام اقبال، ہمایوں، صفحہ:421۔

هڪ اهڙو شخص ساڻن ملاقات لاءِ حاضر ٿيو. اهو اڇڻ وارو اولياءِ ڪرام رَحمۃُ اللہِ علیھم جي باري ۾ وسوسن جو شڪار هو. جڏهن هو انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ سندن تقويٰ، پرهيزگاري، سنتن تي عمل وغيره ڏسي تمام گهڻو متاثر (*Impress*) ٿيو. پوءِ اوچتو سندس نظر پٽ تي پئي، اتي لکيل هو: يَا شَيْخ عَبْدُالْقَادِرِ جِيْلَانِيْ شَيْئًا لِلّٰهِ! يعني: اي شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ! الله پاڪ جي واسطي مون کي ڪجهه عطا فرمايو! اِهو ڏسي تہ هُن کي ڪاوڙ (*Anger*) اچي وئي ۽ ناراضگيءَ واري انداز ۾ پنهنجن وسوسن جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيائين. ميان شير محمد شرقپوري رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ وليءِ ڪامل هئا ۽ اولياءِ ڪرام رَحمۃُ اللہِ علیھم صاحبِ قال نہ بلڪ صاحبِ حال هوندا آهن، يعني اُهي ڳالهين سان گهٽ سمجهائيندا آهن، اڪثر طور ڪَري ڏيکاريندا آهن. پاڻ ان جي ڪاوڙ ڀريي لهجي تي صبر ۽ تحمل (*Tolerate*) اختيار ڪيائون. پوءِ جڏهن اهو شخص وڃڻ لڳو تہ پاڻ بہ دروازي تائين ساڻس گڏ ويا. جڏهن دروازي جي ويجهو پهتا تہ پاڻ بلند آواز سان پڪاريائون: يَا شَيْخ عَبْدَالْقَادِرِ جِيْلَانِيْ شَيْئًا لِلّٰهِ! اي شيخ عبدالقادر جيلاني! الله پاڪ جي واسطي ڪجهه عطا فرمايو! بس ايترو چوڻ جي دير هئي جو هڪ تمام حسين، خوبصورت ۽ صاحبِ جلال بزرگ ظاهر ٿيا. انهن جو جلال، رعب ۽ دٻدٻو ڏسي اهو بدعقيده شخص ڏڪِي ويو، سندن حسن کي برداشت نہ ڪري سگهيو. ميان شير محمد شرقپوري رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمايو: مولوي صاحب! هي ئي تہ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ آهن، جن کي اسان مدد لاءِ پڪاريندا آهيون. هي مئل نہ بلڪ الله پاڪ جي عطا سان زنده آهن، انهيءَ ڪري ئي اسان کين سڏيندا آهيون. اِهو سمورو منظر ڏسي ان شخص جا وسوسا ختم ٿي ويا ۽ هُو توبهہ ڪري خوش عقيده، عاشقِ رسول ۽ عاشقِ

اولياء ٻڌجي ويو. [1]

شَيْئًا لِلّٰهِ يَا عَبْدَ الْقَادِرِ يَا سَاكِنَ بَغْدَادَ يَا شَيْخَ الْجِيْلَانِیْ

کرم چاہئے تیرا، تیرے خُدا کا
کرم غوثِ اعظم، کرم غوثِ اعظم

خدا را ذرا ہاتھ سینے پہ رکھ دو
ابھی مٹتے ہیں غم، اَلَم غوثِ اعظم

خبر لو ہماری کہ ہم ہیں تمہارے
کرو ہم پہ فضل و کرم غوثِ اعظم

کرم سے کیا رہنمارہزنوں کو
ادھر بھی نگاہِ کرم غوثِ اعظم [2]

شَيْئًا لِلّٰهِ يَا عَبْدَ الْقَادِرِ يَا سَاكِنَ بَغْدَادَ يَا شَيْخَ الْجِيْلَانِیْ

## آخر وَلِيُن کان ڇو گهُرون؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآن ڪريم جي آيت ٻڌي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته الله پاڪ به مددگار آهي ۽ ان جا محبوب ٻانها به مددگار آهن. هن موقعي تي ڪجهه ماڻهو اِهو سوال ڪندا آهن ته ٺيڪ آهي، مڃيوسين ته اولياءِ ڪرام رَحمةُاللهِعليهم مددگار آهن پر جڏهن الله پاڪ پاڻ اسان جي ٻڌي به ٿو اسان جي مدد به فرمائي ٿو ته پوءِ آخر اسان ٻانهن کان ئي مدد ڇو گهرون؟ رڳو الله پاڪ کان ئي مدد گهرون.

وڏو اهم سوال (*Important Question*)آهي. ڪيترائي خوش عقيده ماڻهو به هن شيطاني وسوسي جو شڪار ٿي ويندا آهن. ان جو جواب ڇا آهي؟ اچو ته هڪ حديث پاڪ ٻڌون ٿا: **حديثِ حسن** آهي يعني سَنَد جي اعتبار سان هن حديث متعلق ڪلام نه آهي. ڪيترن ئي محدثين هن حديث ڪي ذڪر ڪيو آهي ۽ وڏن وڏن عالمن ۽ محدثين پاڻ هن حديث پاڪ جو تجربو به ڪيو آهي. ڪهڙي

---

1...خليفة الله، صفحه:355 خلاصةً۔
2...سامان بخشش، صفحه:123-127 ملتقطًا۔

حديث شريف آهي؟ ٻڌو! بدري صحابي حضرت عُتبہ بن غَزْوان رَضِیَ اللہُ عنہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪنهن جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ۽ هجي بہ ويران جڳهہ (*Deserted Place*) تي جتي ڪو مددگار بہ نہ هجي، اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن توهان مدد چاهيو تہ هيئن چئو: يَاعِبَادَاللهِ أَغِيثُونِى، يَاعِبَادَاللهِ أَغِيثُونِى اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪريو! اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪريو. (1)

هاڻي ڏسو تہ اِها تعليم ڪير ڏئي رهيو آهي؟ ۞ اسان جا آقا، اسان جا هادي، اسان جا راهنما نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! دنيا جي اُها هستي جيڪا سڀ کان وڌي توحيد مڃيندڙ آهي ۞ اُهي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جيڪي سڀ کان وڌيڪ الله پاڪ جي معرفت رکڻ وارا آهن ۞ اُهي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جيڪي سيني کان وڌيڪ توحيد جو چرچو ڪرڻ وارا آهن ۞ اُهي هادي ۽ راهنما صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم اسان کي تعليم ڏئي رهيا آهن تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن اهڙي جاءِ تي هجو جتي ظاهري طور ڪو مددگار نظر نہ اچي رهيو هجي تہ اهڙي جاءِ تي جيڪڏهن مدد گهرجي تہ ڪنهن کي سڏيو! الله جي ٻانهن کي...!

غور ڪريو تہ ڇا محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم (مَعَاذَالله!) نہ ٿا ڄاڻن تہ الله پاڪ مددگار آهي تہ ان کان ئي مدد گهري وڃي، انهن ئي تہ اسان کي الله پاڪ کان گهرڻ سيکاريو آهي. يعني جن محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم اسان کي الله پاڪ کان گهرڻ سيکاريو آهي، اهي ئي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم اسان کي ترغيب (*Motivation*) ڏياري رهيا آهن تہ الله پاڪ جي ٻانهن کان گهرندا ڪريو! ۽ ٻانها بہ اهي، جيڪي ظاهري طور نظر بہ نہ اچي رهيا آهن، اڪين کان غائب

---

1...معجم ڪبير، ما اسند عتبة بن غزوان، جلد:7، صفحہ:48، حديث:13737۔

آهن. تنهنڪري جن جي تعليم تي الله پاڪ ڪان گهرندا آهيون، انهن جي ئي ترغيب تي اسان اولياءِ ڪرام رَحمۃُاللہِعلیھم ڪان بہ مدد گهرندا آهيون.

## وَلِين جي مدد الله پاڪ جي ئي مدد آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هيءَ ڳالهه بہ ياد رکو تہ: ولين جي مدد اصل ۾ غيرُ الله جي مدد نہ آهي، اها الله پاڪ جي ئي مدد آهي، جيڪا ولين جي ذريعي ملندي آهي. جيئن الله پاڪ رزّاق آهي، اهو ئي رزق ڏيندو آهي پر هر هڪ تائين رزق پهچڻ جا ذريعا (*Sources*) مختلف آهن ۞ ڪنهن کي دڪان جي ذريعي رزق ملندو آهي ۞ ڪو نوڪري (*Job*) ڪري رزق حاصل ڪندو آهي ۞ ڪو پنهنجو ڪاروبار (*Business*) ڪندو آهي ۞ ڪنهن کي سيٺ جي هٿان ملي رهيو آهي ۞ ڪنهن کي حڪومت ڏيندي آهي ۞ ڪو گراهڪ کان وصول ڪندو آهي. رزّاق تہ الله پاڪ ئي آهي، ڏيندو اُهو ئي آهي پر انهن ذريعن سان عطا فرمائيندو آهي. اهڙي طرح مدد الله پاڪ جي ئي آهي، اُهو مدد فرمائيندو آهي پر ان جي مدد حاصل ٿيڻ جا ذريعا مختلف آهن. ڪنهن کي داتا حضور جي ذريعي الله پاڪ جي مدد ملندي آهي، ڪنهن کي خواجہ اجمير رَحمۃُاللہِعَلَیْہ جي ذريعي ملندي آهي ۽ ڪنهن کي المدد يا غوثِ پاڪ پڪارڻ سان ملي ويندي آهي. ڏسو! غزوهءِ بدر جي موقعي تي الله پاڪ فرشتن کي مدد لاءِ موڪليو. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓىٕكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْاؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ياد ڪر اي محبوب! جڏهن اوهان جي رب ملائڪن ڏانهن وحي موڪلي تہ مان توهان سان گڏ آهيان توهان مسلمانن کي ثابت قدم رکو.

(سيپارو: 9، سورة انفال: 12)

هتي ڏسو! فرشتا بہ غير الله آهن. الله پاڪ پاڻ فرشتن کي فرمايو: اي فرشتو! ايمان وارن کي ثابت قدم رکو! مان توهان سان گڏ آهيان.

تورو غور تہ فرمايو! الله پاڪ فرشتن کي موڪليو. الله پاڪ چاهي ها تہ فرشتن کان سواءِ ئي مدد فرمائي ها. الله پاڪ چاهي ها تہ غير مسلم پنهنجن گهرن ۾ ئي اونڌي مُنهُن پيا هجن ها، ميدانِ بدر ۾ اچي ئي نہ سگهن ها پر الله پاڪ فرشتن کي موڪليو، ڇو؟ ان ڪري تہ هُوالله آهي، هُو رَبُ آهي، هُو قدرتن وارو آهي، هُو جيڪو چاهيندو آهي سو ڪندو آهي ڪو بہ ان کان پڇڻ جي همت نہ ٿو ڪري سگهي.

وڌيڪ غور ڪريو تہ! غزوهٖ بدر ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ڪير آيو؟ فرشتا آيا، پر الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَقَدۡ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدۡرٍ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ الله بدر ۾ توهان جي مدد ڪئي

(سيپارو: 4، سورة آل عمران: 123)

مدد ڪرڻ ڪير آيا؟ فرشتا. الله پاڪ ڇا ٿو فرمائي؟ الله پاڪ مدد ڪئي. معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جا مقرب ٻانها، الله پاڪ جي عطا سان، الله پاڪ جي ڏنل طاقت سان مدد ڪن تہ اُها غيرُ الله جي مدد نہ آهي بلڪ اُها الله پاڪ جي ئي مدد آهي جيڪا هو پنهنجن ٻانهن جي ذريعي ڪرائيندو آهي.

## هڪ ڳائٽي جي ايمان افروز توبهہ

هڪ ڀيري حُضور غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِ عَلَيه بيان فرمائي رهيا هئا تہ بيان جي دوران پاڻ اوچتو خاموش (*Silent*) ٿي ويا ۽ فرمايائون: **100** اشرفيون پيش ڪيون وينديون تہ اڳتي بيان ڪندس. ايترو ٻڌڻ جي دير هئي تہ هڪ، بہ نہ، پر **40**

ماڻهو **100**،**100** اشرفيون ڪٺي حاضر ٿي ويا. پاڻ هڪ خوش نصيب ڪان اشرفيون قبول فرمايائون ۽ پنهنجي خادم حضرت ابو رضا رَحمۃُاللہِ عَلَيْه کي ڏيندي فرمايائون: فلاڻي قبرستان ۾ هليا وڃو! اُتي توکي هڪ پوڙهو شخص نظر ايندو، اُهو عُود (يعني موسيقيءَ جو هڪ ساز، مثال طور گٽار) وڄائي رهيو هوندو، هِي اشرفيون ان کي ڏجان ۽ ان کي پاڻ سان گڏ مون وٽ وٺي اچ. خادم يڪدم حڪم تي عمل ڪيو. جڏهن هو قبرستان پهتو ته اتي هڪ پوڙهو موجود هو، جيڪو عُود وڄائي رهيو هو. خادم پوڙهي کي سلام ڪيو ۽ کيس چيائين: حُضُور غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَيْه تنهنجي لاءِ **100** اشرفيون موڪليون آهن. هي ٻڌندي ئي ان پوڙهي شخص هڪ دانهَن ڪئي ۽ زمين تي ڪري بيهوش ٿي ويو. جڏهن کيس هوش آيو ته خادم چيو: حُضور غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَيْه توکي ياد فرمائي رهيا آهن. تنهنڪري اهو پوڙهو شخص يڪدم ئي ساڻس گڏ هلي پيو، جڏهن هِي ٻئي حضرات بارگاهِ غوثيت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ فرمايائون: هِن پوڙهي کي منبر تي وٺي اچو! ان کي منبر تي چاڙهيو ويو. هاڻي غوث پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَيْه فرمايو: پنهنجو واقعو بيان ڪر! پوڙهو چوڻ لڳو: مان جوانيءَ ۾ تمام سنو ڳائڻو هئس، منهنجو آواز تمام سُرِيلو هو، ماڻهو وڏي شوق سان مون کي ٻڌندا هئا، گذر بسر ڏاڍي سني نموني ٿي رهيو هو. پوءِ مان پوڙهو ٿي ويس، آواز اڳ جهڙو نه رهيو، بس انهيءَ سبب منهنجي مقبوليت کي زوال اچي ويو. هاڻي ماڻهن مون کان مُنهُن موڙي ڇڏيو ۽ مون کي ٻُڌڻ ڇڏي ڏنو. انهيءَ ڏک ۾ هڪ ڏينهن مون سوچيو ته زنده ماڻهو منهنجو گانو نه ٿا ٻڌن ته نه ٻڌن، هاڻي مان مُردن کي ٻڌائيندس. اِهو سوچي مان قبرستان هليو ويس. ڪڏهن هِن قبر تي ته ڪڏهن هُن قبر تي، ائين گهمندي ڦرندي مون ڳائڻ شروع ڪري ڏنو. انهيءَ دوران مان هڪ قبر وٽ وينو هئس ته اوچتو قبر ڪلي

وئي، ان مان هڪ شخص نڪتو. ان چيو: اي شخص! ڪيسيتائين مُئلن کي ٻڌائيندو رهندين ...؟ پنهنجي فرياد الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪر، بيشڪ هُو حَیّ ۽ قَيُّوم آهي. اِهو منظر ڏسي مان بيهوش ٿي ويس. جڏهن هوش آيو ته عقل بہ نڪاڻي تي اچي چڪو هو پوءِ مون الله پاڪ جي بارگاهه ۾ فرياد پيش ڪئي. اجان رَبَ ڪريم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ئي هو ته اوهان جو خادم اچي ويو ۽ مون کي **100** اشرفيون عطا فرمايائين. ايترو چوڻ کان پوءِ ان پوڙهي شخص پنهنجو عُود (يعني موسيقيءَ جو ساز) ڀڃي ڇڏيو ۽ سچي دل سان توبهه ڪري نيڪ انسان بڻجي ويو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! اُن پوڙهي شخص ڏک، درد ۽ پريشانيءَ جي عالَم ۾ فرياد ڪنهن جي بارگاهه ۾ ڪئي؟ الله پاڪ جي بارگاهه ۾...!! ۽ اشرفيون موڪلي سندس مدد ڪنهن ڪئي؟ حُضُور غوثِ پاڪ رَحمةُ اللهِ عَلَيْه...!! معلوم ٿيو ته مدد الله پاڪ جي ئي آهي، اُهو ئي فرياد ٻڌڻ وارو، ڏکايل دلين کي اطمينان ۽ سڪون (*Serenity*) عطا فرمائڻ وارو آهي، پر هُن پنهنجي مدد جا ذريعا مختلف رکيا آهن، اَلحمدُلله! نبي، ولي سڀ مشڪل ڪشا آهن، حاجت رَوا آهن، مدد ڪرڻ وارا آهن ۽ انهن جي مدد سندن پنهنجي ذاتي طاقت سان نہ آهي بلڪ حقيقت ۾ الله پاڪ جي ئي مدد آهي، جيڪا انهن جي ذريعي ڪئي ويندي آهي.

## نمازِ غوثيہ پڙهندا ڪريو...!

خير! هيءَ ڳالهہ سچ وانگر بلڪل واضح ۽ صاف آهي تہ الله پاڪ جي نبين، ولين ۽ نيڪ ماڻهن کان انهن جي حياتيءَ ۾ ۽ انهن جي وفات کان پوءِ بہ مدد

---

1 ...بشير القارى، باب التصوف، نيت صادق کی منفعت اور فساد کی مضرت، صفحہ:60-61 خلاصةً۔

گھرڻ، انھن کي پنھنجو مددگار سمجھڻ ھرگز بُرو نہ آھي، پر اِھو سنو عمل ڪيترين ئي مشڪلاتن جو بھترين حل (*Solution*) آھي. بَھْجَۃُ الْاَسْرار شريف ۾ آھي: حضور غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَيْه فرمايو: جنھن ڪنھن مصيبت ۾ مون کي فرياد ڪئي، اھا مصيبت ويندي رَھِي، جنھن ڪنھن سختيءَ ۾ منھنجو نالو پڪاريو، اھا سختي دور ٿي وئي، جيڪو منھنجي وسيلي سان الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پنھنجي حاجت پيش ڪري، اھا حاجت پوري ٿيندي، جيڪو شخص **2** رڪعتون نفل پڙھي ۽ ھر رڪعت ۾ اَلحمدُلله! شريف (يعني سُورة فاتحہ) کان پوءِ قُلْ ھُوَالله شريف (يعني سُورة اِخلاص مڪمل) **11**، **11** ڀيرا پڙھي، سلام ڦيرائڻ کان پوءِ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود شريف پڙھي، پوءِ بغداد شريف جي طرف **11** قدم ھَلِي منھنجو نالو پڪاري ۽ پنھنجي حاجت بيان ڪري تہ اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِيْم! ان جي حاجت (*Need*) پوري ٿيندي.[(1)]

آپ جيسا پير ھوتے کيا غَرَض دَر دَر پھروں
آپ سے سب کچھ ملا ياغوثِ اعظم دَسْت گِير[(2)]

پيارا اسلامي ڀائرو! ھيءَ نمازِ حاجت جيڪا حُضور غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَيْه ٻڌائي، ان کي نمازِ غوثيہ چوندا آھن تمام گھڻي مُجَرَّب (*Proven*) آھي (يعني اِن طريقي سان نماز پڙھڻ جو ڪيترن ئي ماڻھن تجربو (*Experience*) ڪيو آھي ۽ انھن کي ان جو فيضان مليو آھي. جڏھن بہ ڪا حاجت ھجي، ڪا مشڪل پيش اچي، پريشاني ھجي، بيماري ھجي يا قرضداري ھجي، تہ ھيءَ نماز پڙھو!

---

1... بَھْجَۃُ الْاَسْرار، ذکر فضل اصحابہ وبشراہم، صفحہ:197۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:548۔

بهتر آهي تہ مغرب جي نماز کان پوءِ پڙهو! حُضور غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيْه جي وسيلي سان دعا ڪريو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! مراد پوري ٿيندي. هي بہ سمجهي ڇڏيو تہ پاڪستان ۽ هندوستان کان بغداد شريف جو طرف اولهہ ۽ اتر يعني ***West and North*** جي تقريباً وچ ۾ آهي.

حُسنِ نِیَّت ہو خطا پھر کبھی کرتا ہی نہیں | آزمایا ہے، یگانہ ہے دوگانہ تیرا[1]

**وضاحت:** هي ڳالهہ تجربي مان ثابت ٿيل آهي تہ اخلاص سان نمازِ غوثيہ پڙهي وڃي تہ ناڪامي(***Failure***) نہ ٿيندي آهي بلڪ جنهن مقصد لاءِ پڙهي وڃي، اهو مقصد پورو ٿيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## يارهين شريف جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! حُضور غوثِ پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيْه جي مدد ۽ نگاهِ ڪرم حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو يارهين شريف بہ آهي. اَلحمدُلله! هي وڏي يارهين شريف جو مهينو آهي، هن مهيني ۾ بہ يارهين شريف جو اهتمام ڪريو! ۽ آئينده هر مهيني جي لاءِ ان جي عادت (***Habit***) بڻائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! ان جون تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ اسان جنهن کي بہ يارهين شريف جو پابند ڏٺو آهي، تجربو شاهد آهي تہ اُهو خوش نصيب معاشي (***Financially***)۽ روحاني لحاظ کان تمام گهڻي ترقي حاصل ڪندو آهي.[2]

## ٻُڏل جهاز واپس مِلي ويا

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ واپاري هو، جيڪو بحري جهازن (***Ships***) ذريعي

---

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:20۔
2...برکاتِ گیارہویں، صفحہ:20 خلاصۃً۔

واپار (*Trading*) ڪندو هو. هڪ ڀيري هن واپار جي سامان سان ڀريل ڪيترائي سامونڊي جهاز واپار لاءِ موڪليا پر خدا جو ڪرڻ ائين ٿيو جو ان جا سمورا جهاز سمنڊ ۾ ٻڏي ويا. سندس ملازمن (*Employees*) ڪيس خط لکي سڄي صورتحال (*Situation*)کان آگاهه ڪيو ته هن وڏي اطمينان ۽ يقين سان جوابي خط لکيو. ان خط جو مضمون ڇا هو؟ هڪ عاشق ان کي شعرن جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي، هن ڇيو:

ادا کرتے ہیں شہ کی گیارہویں ہم ہمیں اس بات کا مُطلق نہیں غم

اسی بحرِ کرامت کے کرم سے ہو بیڑا پار اس بحرِ اَلَم سے

تعجب ہے ہمیں لکھتے ہیں یہ کیا مُزکّی مال کیوں ہو غرق میرا

طفیلِ نُوح، بھرِ عزّت و جاہ جہاز اپنے نہ ڈوبے ہوں گے واللہ (1)

خلاصو هي آهي ته هن ملازمن کي ڇيو: جيڪي جهاز ٻڏي ويا آهن، اهي منهنجا نه ٿا ٿي سگهن، توهان جهازن جي ڳولا جاري رکو! تنهنڪري خط ملڻ شرط ئي ملازمن جهاز ڳولڻ شروع ڪري ڏنا! آخرڪار جڏهن ڪِناري تي پهتا ته ڏٺائون ته سندن سڀئي جهاز سامان سميت صحيح سلامت موجود آهن.

بڑی کی گیارہویں اس سال اس نے مساکینوں کو بخشا مال اس نے

بھرا کرتا تھا ہر دم شاہ کا دَم زباں پر تھا فقط اسمِ اعظم

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله! يارهين شريف جون وڏيون برڪتون آهن. تنهنڪري هر اسلامي مهيني جي يارهين رات پابنديءَ سان يارهين شريف جو اهتمام ڪندا ڪريو! اِهو ڪو ڏکيو ڪم نه آهي، پنهنجي طاقت آهر جيترو ٿي سگهي، جيڪو ٿي سگهي، ڪاڏو وغيره پچايو! ان تي ختم پاڪ پڙهي

1... برکاتِ گیارہویں، صفحہ:25-26 خلاصۃً۔

حُضور غوثِ پاڪ رَحمۃُاللہِ عَلَیْہ کي ايصالِ ثواب ڪري ڇڏيو! ممڪن هجي ته اُهو ڪاڏو غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو! پاڻ به ڪائي سگهو ته، خاندان وارن کي به ڪارائي سگهو ته. هي نيڪ ڪم ڪريو ته اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیم! ان جون تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. نيڪ نمازي بڻجڻ، ظاهري ۽ باطني گناهن کان پاڻ کي بچائڻ، فڪرِ آخرت حاصل ڪرڻ ۽ الله ۽ رسول جي محبت سان دل کي آباد ڪرڻ جي لاءِ توهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو به آهي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلْعِلْمُ بِالتَّعَلُّم علم سکڻ سان حاصل ٿيندو آهي.(1)

۞ موجوده دور جي برائين مان هڪ وڏي برائي هيءَ به آهي ته ماڻهو علمِ دين کان پري ٿيندا پيا وڃن ۞ ديني ڪتاب پڙهڻ جو ذوق نه هئڻ جي برابر آهي ۞ اڳين دور جا ماڻهو ديني ڪتابن سان تمام گهڻي دلچسپي رکندا هئا ۞ ڏينهن رات ڪتاب پڙهندا هئا ۞ تنهنڪري انهن وٽ ديني معلومات به ڪافي هوندي هئي ۽ ۞ سندن زندگي به پاڪيزه رهندي هئي.

---

1... بخاری ، صفحہ:90، حديث:67۔

اَلحمدُلِلّٰه! اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي خصوصيت آهي تہ ھُو پاڻ بہ علمِ دين جا تمام گهڻا شوقين آهن ۽ عاشقانِ رسول کي بہ ديني ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏياريندا آهن ۞ پاڻ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي لاءِ فرمائيندا آهن ۞ مختصر رسالو هوندو آهي ۞ ڪجھ ئي منٽن ۾ پڙهجي ويندو آهي.

توهان بہ پڙهندا ڪريو! اِنۡ شَآءَ الله الۡكَرِيم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ ديني معلومات وڌندي ۞ علمِ دين سکڻ جو ثواب ملندو ۞ ديني ڪتاب پڙهڻ سان دماغ بہ کلندو آهي ۞ نظر تيز ٿيندي آهي ۞ حڪمت نصيب ٿيندي آهي ۞ سوچ پاڪيزه ٿيندي آهي ۽ ۞ زندگيءَ ۾ نکار ايندو آهي ۞ جديد سائنسي تحقيق مطابق ڪتاب پڙهڻ سان دماغي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي.

هر هفتي پابنديءَ سان هفتيوار رسالو پڙهڻ جي نيت ڪري وٺو! اچو تہ ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## غير مسلم، مسلمان ٿي ويو...!!

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ مان ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، هڪ ڏينهن ڪنهن شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو رسالو **احترامِ مسلم** تحفي طور ڏنو. مون جڏهن ان کي پڙهيو تہ حيران ٿي ويس تہ جن مسلمانن کي مان هميشہ نفرت جي نظر سان ڏٺو آهي، انهن جو مذهب **اسلام** ايتري قدر امن جو پيغام ڏئي رهيو آهي! رسالي ۾ لکيل ڳالهيون تاثير جو تير بڻجي منهنجي دل ۾ لهي ويون ۽ دل ۾ اسلام جي محبت گهَر ڪري وئي. هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس تہ ڏاڙهي ۽ عمامي وارن ڪجھ اسلامي ڀائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو. مان ڏسڻ سان ئي سمجهي ويس تہ هي مسلمان آهن.

منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت تہ اڳ ئي پيدا ٿي چڪي هئي، تنهنڪري مان انهن ڪي احترام جي نظر سان ڏسڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ نبيءِ مڪرم، نورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي. مون کي ان جو انداز تمام سٺو لڳو. منهنجي دلچسپي ڏسي انهن مان هڪ مون سان گفتگو (*Conversation*) شروع ڪئي. هُو سمجهي ويو تہ مان مسلمان نہ آهيان. هن مسڪرائيندي وڏي دلنشين انداز ۾ مون کي چيو: مان توهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست (*Request*) ڪريان ٿو. مان رسالو **احترامِ مسلم** پڙهي اڳ ۾ ئي دلي طور اسلام سان محبت ڪرڻ وارو بڻجي چڪو هئس ۽ ان جي محبت ڀريي انداز دل تي وڏيڪ اثر ڪيو ۽ اَلحمدُلِلّٰه! مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس. (1)

| | |
|---|---|
| ترا شکر مولیٰ دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول |
| دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول (2) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلمو ۽ دعا (*Kalma &Dua*) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي آئي. ٽي. ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپليڪيشن **ڪلمو ۽ دعا** (*Kalma&Dua*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي. هن ايپليڪيشن جي ذريعي تمام آسان انداز ۾ ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي ۞ هن ايپليڪيشن ۾ ٻارن لاءِ 6 ڪلما آڊيو جي صورت ۾، حرفن جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ

---

1...غافل درزی، صفحہ:25۔
2... وسائلِ بخشش،صفحہ: 647-648۔

موجود آهن ۞ روزانو جون **16** مختلف دعائون، مثال طور پاٽي پيئڻ جي دعا ۞ ڪاڏو ڪائڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي دعا ۞ کير پيئڻ جي دعا ۞ سمهڻ وقت پڙهڻ واري دعا وغيره، حرفن جي ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ موجود آهن ۽ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب وغيره پڻ شامل ڪيا ويا آهن. پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپليڪيشن انسٽال ڪري فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

۞ هر چنچر تي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن. ايندڙ چنچر تي به عشاء جي نماز کان پوءِ **8** لڳي **45** منٽن تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه يا خليفهءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ يا ٻُڌڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **يارهين شريف جون برڪتون** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ خاطر هي رسالو ٻين سان به شيئر(*Share*) ڪن! ۞ مڪتبةُ المدينه اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو وڏي يارهين شريف **1444ھ** بمطابق **11** نومبر **2022ع** تي ڪيل بيان **واهه جا ڳالهه آهي غوثِ اعظم** رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه **جي** شايع ڪيو

آهي. هي رسالو مڪتبةُالمدينه جي ڪنهن بہ شاخ تان **32 روپين** ۾ خريد فرمايو. پاڻ بہ مطالعو ڪريو! ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو!

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سچ ڳالهائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1)**: سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جنت ۾ وٺي ويندي آهي. (2) **(2)**: پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو: جنتي عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: سچ ڳالهائڻ. (3)

اي عاشقانِ رسول! **سچ ڳالهائڻ سنتِ مصطفيٰ** آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هميشہ سچ ڳالهائيندا هئا ۞ انهيءَ ڪري ماڻهو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي صادق ۽ امين جي لقب سان سڃاڻيندا هئا ۞ حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اڃان ايمان نہ آندو هو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڏسڻ سان ئي پڪاري چيائون: وَجْهُهُ لَيْسَ بِوَجْهِ كَذَّابٍ هي مبارڪ چهرو ڪوڙ ڳالهائڻ واري جو چهرو نہ آهي. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اسلام قبول ڪري ورتو.

---

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2... مسلم،ڪتاب الادب، باب قبح الكذب...الخ، صفحہ: 1405، حديث: 2607۔
3... مسند امام احمد ، جلد: 2، صفحہ:589، حديث:6652۔

پيارا اسلامي پائرو! **ڪوڙ ڳالهائڻ گناهہ آهي**، اسان کي سنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي هميشہ سچ ئي ڳالهائڻو آهي. الله پاڪ اسان سيني کي هميشہ سچ ڳالهائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۾ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار　　سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار
جو گناہوں کے مَرَض سے تنگ ہے بیزار ہے　　قافلہ عطارؔ اُس کے واسطے تیّار ہے

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد